© rasailojaraid.com



(11) بخاري، عبدالله بن اسماعیل ابو عبدالله مترجم اختر شاہ جهانپوري عبدالحکیم خان: بخاري شریف مترجم و محشي، کتاب الدیات، جلد 3، لاهور، اردو بازار فرید بوک اسٹال، 1982، صہ 683.

(12) ایضا، بخاري شریف، کتاب الفتن، جلد 3، صہ 770

(13) ایضا، بخاري شریف، کتاب الفتن، جلد 3، صہ 7[illegible]4

(14) ایضا، بخاري شریف، جلد 3، صہ 892.

(15) راجڑ عبدالله: اسلامیات، حیدرآباد، کوهنور پبلیکیشن، 1999، صہ 18

(16) نعیمي، احمد یار خان مفتي: مرأة شرح مشکوٰة، جلد 4، گجرات، نعیمي کتب خانہ، صہ 312

(17) ایضا، مرأة شرح مشکوٰة، جلد 4، گجرات، نعیمي کتب خانہ، صہ 318.

(18) بخاري، عبدالله بن اسماعیل ابو عبدالله، مترجم: اختر شاہ جهانپوري عبدالحکیم خان: بخاري شریف مترجم و محشي، کتاب الدیات، جلد 1، لاهور، اردو بازار فرید بوک اسٹال، 1982، صہ 124

———————— الاختتام

خدمت خلق و رفاہ عامہ کی اہمیت

سیرت طیبہ کی روشنی میں

مصنّف

پروفیسر ڈاکٹر صلاح الدین ثانی

زیر طبع: مکتبہ یادگار شیخ الاسلام پاکستان علامہ شبیر احمد عثمانیؒ

© rasailojaraid.com